
# ١٠. اَڪبر بيربل

ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ دفعي اَڪبر بادشاهه جي دربار ۾ هڪ شخص آيو. اَڪبر بادشاهه جي اڳيان هن هڪ شرط رکيو ”توهان جي دربار مان ڪير به منهنجي مادري ٻولي ٻڌائي، نه ته توهان قبول ڪيو ته توهان جي دربار ۾ سڀ بيوقوف آهن.“

درٻارين هن کان الڳ الڳ ٻولين ۾ سوال ڪيا. هن هر ڪنهن جا هر ٻوليءَ ۾ جواب ڏنا. هوءَ هر ٻولي ۾ اهڙي نموني ڳالهائي رهيو هو ڄڻ ته اُهائي هن جي مادري ٻولي هجي.

آخر ۾ هن اَڪبر بادشاهه کي چيو ”مان توهانکي منهنجي مادري ٻولي سڃاڻڻ لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏيان ٿو، ٻڌايو منظور اَٿو؟“ اَڪبر بادشاهه بيربل ڏانهن اِشارو ڪيو، جنهن ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. اَڪبر بادشاهه اُن شخص کي چيو، ”تنهنجو شرط منظور آهي.“

پرديسي شخص کي محلات ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو. رات جي وقت جڏهن هو گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو ته بيربل هن جي ڪمري ۾ آيو ۽ هن هڪ ڪَکُ ڪڍي هن جي ڪن ۾ گهمايو. شخص پنهنجو پاسو ورائي ۽ ڪن کي مهٽي وري سمهي پيو. بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي حرڪت ڪري لڪي بيٺو.

”اَڙي! ڪير آهي مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي؟“ اِئين چئي سمهي پيو.

پورن ستن ڏينهن ڪانپوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو. بيربل الڳہ الڳہ ٻولين ۾ هن سان ڳالهايو. آخر ۾ هن چيو ”جهان پناهه هن جي ماترياشا سنڌي آهي.“ اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.

اچ پهريون دفعو ڪوئي هنجي ماترياشا سڃاڻي سگهيو آهي هن بيبرل جي ڏاڍي ساراهه ڪئي ۽ چيو ”ڏنيہ آهي پارت ورش، جتي تو جهڙا عقلمند رهندا آهن.“

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ اَڪبر بيربل کان پڇيو ”بيربل تو اَهڙو ڏکيو ڪم ڪيئن ڪيو؟“

بيربل چيو، ”جهان پناهه جنهن وقت اِنسان ڪروڌ ۾ هوندو آهي تنهن وقت هو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو آهي پوءِ بيربل اُن رات واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي سڀني درٻارين بيربل جي ساراهه ڪئي ۽ اَڪبر بادشاهه پنهنجي ڳلي جو هار لاهي بيربل کي ڏنو ۽ هن جي عزت وڌائي.

**نوان لفظ:**

حيران ٿيڻ = عجب ۾ پئجي وڃڻ    پريشان ڪرڻ = تنگ ڪرڻ    حرڪت = ڪيچل، ڪروڌ، غصو

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ آيل شخص ڪهڙو شرط رکيو؟

۲) آيل شخص ماتر ڀاشا سڃاڻڻ لاءِ اَڪبر بادشاهه کي ڪيترو وقت ڏنو؟

۳) بيربل پرديسيءَ جي ڪمري ۾ ڇو ويو؟

۴) پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪهڙي هئي؟

**سوال ۲: هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

۱) بيربل پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪيئن سڃاڻي سگهيو؟

**سوال ۳: هيٺان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن.**

۱) ”اَڙي! ڪير آهي؟ مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي.“

۲) ”جهان پناهه هن جي ماتر ڀاشا سنڌي آهي.“

**سوال ۴: (الف) هيٺين جا ضد لکو:**

آخر، حاضر، ساراهه، عقلمند

**(ب) خال ڀريو:**

۱) بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي ----- ڪئي.

۲) پرديسيءَ شخص کي ------ ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.

۳) پورن ------ ڏينهن ڪانپوءِ پرديسي دربار ۾ حاضر ٿيو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) ٽڪرتي عملي ڪم.**

پرديسي شخص کي محلات ۾ ................................................ عقلمند رهندا آهن.“

**(i) هيٺ ڏنل ’صفت‘ ۽ ’اِسم‘ ڪالمن ۾ مناسب لفظ لکو :-**

| صفت | گهري | پنهنجو | --- |
|---|---|---|---|
| اِسم | -- | -- | دفعو |

**(ii) هيٺين جملن جو سلسلو ٺاهي لکو**

۱) پورن ستن ڏينهن کان پوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو.

۲) شخص کي محلات ۾، هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.

۳) اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.

۴) جهان پناهه، هن جي ماترڀاشا سنڌي آهي.

**(iii) هيٺين لفظن مان جملا ٺاهي لکو:-**

۱) محلات، رات، ماتر ڀاشا، حيران، ساراهه

**(iv) هيٺين جا عدد جمع لکو:-**

(۱) ڪمرو، ڪَنُ، ٻولي، رات، وزيرُ.

(۲) اَڪبر - بيربل وانگر ’وتايو فقير‘ جا ٽوٽڪا هٿ ڪريو ۽ توهان کي وڻندڙ ٽوٽڪو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.

(۳) پنهنجي ماتر ڀاشا تي ۱۵ کان ۲۰ جملا لکو.

(۴) تينالي راما جا قصا به مشهور آهن. اِنٽرنيٽ ذريعي يا لئبرريءَ ۾ وڃي پڙهي ڪوبه هڪ قصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.

(۵) ’’ڀارت ديش مهان‘‘ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(٦) هيٺين مهان نارين جي نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.



مئري ڪام | ڪلپنا چاولا | مئڊم ڪيوري | سُچيتا ڪرپالاڻي